

جلاوطن لڙڪ
(نثري احساس)
سردار پرڙو

# جلاوطن لُڙڪ

(نثري احساس)

## سردار پرڙو

ڊجيٽل ايڊيشن

2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڪتاب نمبر: 02**

ڪتاب جا حق ليکڪ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | جلا وطن لُڙڪ |
| موضوع : | نثري احساس |
| ليکڪ : | سردار ٻرڙو |
| ڊجيٽل ڇاپو: | جولاءِ 2021 |
| ڪمپوزنگ : | جويريا پهنور |
| ڇپائيندڙ | موکي پبليڪشن مورو |
| **ڊجيٽل ايڊيشن:** | **سنڌ سلامت ڪتاب گهر** |
| | www.sindhsalamat.com |

## ارپنا

سَمبارا جي رَقص

سانوري جي وِشال ٿَهڪن

۽

انهن پوڳنائن جي نانءُ

جِن ڪارڻ آءُ لکي سگهيس.

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نوجوان شاعر **سردار ٻرڙي** جي نثري احساسن تي مشتمل ڪتاب **”جلاوطن لُڙڪ“** اوهان اڳيان پيش آهي. يوسف جميل لغاري لکي ٿو:

”هي ڪتاب:”جلاوطن لڙڪ“ هڪ اهڙي نوجوان جي نثري احساسن جو مجموعو آهي، جنهن ٿوري وقت ۾ گهڻو پوڃيو آهي. سندس پوڃنا، ڪيس لکڻ تي هر وقت اُتساهيندي رهندي آهي ۽ هُو قلم توڙي ڪاغذ سان هر وقت ائين جُڙيل رهي ٿو، جيئن موت زندگي سان جُڙيل آهي. اسان جو هي نوجوان ساٿي سردار ٻرڙو پنهنجي اندر جي آند مانڌ کي ڪڏهن نثر ۾ اظهاري ٿو ته وري ڪڏهن ڪيس نظم جو سهارو به وٺڻو پوندو آهي. هن جي هنن ننڍڙن توڙي طويل نثري احساسن ۾ انيڪ ڪهاڻيون، درد، وڇوڙا ۽ هِجر توڙي فراق جون گهڙيون پساهه کڻي رهيون آهن. هن جيڪو ڪجهه به لکيو آهي، اُهو پوڃنا جي بدولت ئي لکيو آهي. هي نثري احساس ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته ليکڪ جي دل پنهنجي ڌرتي ڌڻين جي دلين سان گڏ ڌڙڪي ٿي ۽ سندس لفظ، جملا توڙي سهڻيون تشبيهون سندس مشاهدي جا ساکي آهن. جلاوطن ٿيندڙ لڙڪ جڏهن اکين مان جاري ٿيڻ شروع ٿيندا آهن ته اُهي پنهنجي پاڻ سان گڏ ڪوڙ سارا ڏوراپا به گڏ کڻي ايندا آهن.“

هي ڪتاب ڪنهن به اداري ڇپايو ناهي پر سردار ٻرڙي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ ڊجيٽل ايڊيشن لاءِ موڪليو آهي، اسان سندس ٿورائتا آهيون.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست

مُهاڳ............................................................ احمد شاڪر

پيش لفظ............................................................ يوسف جميل لغاري

ليکڪ پاران............................................................!

حصو پهريون............................................................نثري احساس

حصو ٻيون............................................................نثري ٽڪرا

# حصو پهريون

(نثري احساس)

## مُهاڳ
## احساس جي ڪائنات...

ون يونٽ کان اڳ ۽ پوءِ سنڌ ۾ ٻه ڌارائون رهيون آهن. هڪ ترقي پسند ۽ ٻي جمعيت الشعراءِ... پاڻ ڪي انهن ڌارائن تي بحث ناهي ڪرڻو رڳو راءِ ڏيڻي آهي ۽ اها راءِ اِها آهي ته انهن ڌارائن کان اڳ ۽ پوءِ سنڌ اندر جڏهن پهريون پيرو نثري نظم لکيو ويو ته ان جي پهرين پهرين مخالفت جمعيت الشعراءِ وارن ڪئي.

هو ايئن چوندا هئا ته "اها وري ڪهڙي صنف آهي، جيڪا نثر به آهي ۽ نظم به آهي." هنن وٽ اهو دليل هيو ته نظم الڳ آهي ۽ نثر الڳ آهي. نه رڳو اهي پر هر ڪو ايئن ئي چوندو ته نظم الڳ آهي ۽ نثر الڳ آهي. اصل ۾ اهو سُٽ الجهيل ڪونه آهي، جيترو ان کي سمجهيو ويو هو يا اڃا به ٿورو سمجهيو وڃي ٿو .

جڏهن جڏهن به ڪو نئون نظريو يا نئون تجربو جنم وٺندو آهي ته ان کي ضرور مخالفت کي به منهن ڏيڻو پوندو آهي ته پنهنجي جاءِ جوڙڻ لاءِ وقت جو انتظار به ڪرڻو پوندو آهي ۽ ان دوران ان جي حق ۾ ضرور ڪي دليل اڳيان آڻڻا پوندا آهن.

مان ان ڳالهه کي اتان کان ئي کڻي هلڻ ٿو چاهيان:

نثر سڪڙجي سوڙهو ٿي "مائڪرو ڪهاڻي" تائين پهتو آهي ۽ نظم سڪڙجي سوڙهو ٿي "نثري نظم" تائين پهتو آهي. ان سڄي عمل دوران نه نثر جو ڏوهه آهي ۽ نه ئي وري نظم جو ڏوهه آهي. ڏوهه ڪنهن جو آهي اهو سوال آهي؟ ۽ ان سوال جو جواب سيني وٽ پنهنجو . پنهنجو آهي .

جيئن جيئن دنيا ترقيءَ طرف تڪڙيون وکون کڻندي اڳتي وڌندي پئي وڃي تيئن تيئن شيون تڪڙيون شڪليون مٽائينديون ٿيون وڃن .

ظاهري ڳالهه آهي جيڪا به شيءِ وقت سان گڏ نه ٿي هلي ته اها فنا ٿي وڃي ٿي. ان سڄي ڳالهه کي پاڻ ايئن ٿا سهيڙيون ته شاعري به شڪل ٿي مٽائيندي وڃي. ان جو وڏو مثال هيءُ ڪتاب آهي .

هن ڪتاب تي اچڻ کان اڳ ۾ پاڻ ڪجهه ٻيون ڳالهيون ونڊيون ٿا ۽ اهي ڳالهيون اسان کي هن ڪتاب جي روح تائين آڱر پڪڙي وٺي هلنديون!

ڳالهہ نثري نظم کان شروع ٿي هئي ۽ نثري ٽُڪرن تي ختم ڪرڻي آهي... سو سنڌ اندر سدا بهار شاعر شيخ اياز جي ڪتابن کي جڏهن پڙهجي ٿو تہ هن جي ڪتابن مان جڏهن نثر جي ڪتابن کي پڙهجي ٿو تہ انهن جي هڪ هڪ صفحي تي هڪ کان وڌيڪ اسان کي سندس نثر ۾ ”نثري ٽُڪرا“ ملندا ۽ ساڳيءَ ئي طرح سان ايئن وري عبدالواحد آريسر جي نثر ۾ بہ اسان کي سندس نثر ۾ ”نثري ٽُڪرا“ ملندا .

شيخ اياز ۽ عبدالواحد آريسر جي نثر کان پوءِ اعجاز منگي ۽ ايوب کوسو اهڙا نثر نويس آهن، جن جو نثر بہ نظم جو واس ڏيندو آهي. ان کان علاوه اسان وٽ ڪيئي اهڙا ليکڪ آهن، جن جو نثر بہ نظم جو چولو پاتل لڳندو آهي .

انهن ئي ليکڪ جو نثر باڪمال ۽ نظم جي ويجهو هوندو آهي، جيڪي بنياد طور ”شاعر“ هوندا آهن، پوءِ ڀلي اڳتي هلي اهي شاعريءَ سان شناسائي نہ رکندا هجن پر انهن جي نثر ۾ ضرور نظم ساهہ کڻندو رهندو آهي. مثال طور نصير مرزا جو نثر پڙهو ۽ وري نواز خان زئور جو نثر پڙهو. اوهان کي انهن ٻنهين ۾ متئين ڳالهہ جو سُٺ سُلجهيل ملندو .

نواز خان زئور تہ نثري ٽُڪرن جو هڪ مڪمل ڪتاب بہ لکيو آهي. ”رنگ رتو آڪاس“ نالي سان... نئين پيڙهيءَ ۾ جديد سنڌي شاعري جي سهڻي نالي سعيد سومري جا بہ ٻہ ڪتاب نثري ٽُڪرن جا ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.

نوجوان ليکاري بہ ان ميدان ۾ پاڻ ملهائي رهيا آهن. جهڙوڪ رشيد احمد خاصخيلي ۽ سردار ٻرڙو آهن. ان کان علاوه بہ ڪيترائي نوان نالا ڳڻائي سگهجن ٿا پر پاڻ هن وقت سردار ٻرڙو جي هن ڪتاب تي مختصر راءِ لکنداسين!

جنهن جي من ۾ مِٽي ۽ محبت جي خوشبوءِ جو جنم ٿيندو آهي. اهو ئي شاعر ۽ عاشق ٿيندو آهي... ڇاڪاڻ تہ ان کان پوءِ اهڙي نگاهہ جو جنم ٿئي ٿو، جنهن سان جهان جي جماليات طرف توجهہ ڇڪجي وڃي ٿو ۽ ان کان پوءِ ئي اظهار جو جنم ٿئي ٿو ۽ ان جو وڏو مثال هيءُ نوجوان آهي، جنهن مسلسل محنت سان اهي سيئي منزلون پار ڪيون آهن .

هو نه رڳو نالي جو سردار ناهي پر ڪڏهن ڪڏهن اهڙا خيال پيش ڪندو آهي، ايئن لڳندو آهي تہ خيالن جو بہ سردار آهي!

سردار ٻرڙو نہ رڳو ليکاري آهي پر هو مسلسل مطالعي جي ملڪ ۾ رهندڙ پڻ آهي. مان هن جيان جذبي کي ڏسي ڪري اهو چئي سگهان ٿو تہ: ”جيڪڏهن هو مسلسل مطالعي جي ملڪ جو سيلاني رهندو تہ هڪ ڏينهن ضرور خوبورت خيالن جي خزانن جا درَ هن طرف کُلندا“!
هو نہ رڳو مطالعي سان محبت ٿو ڪري پر هو ڪڏهن ڪهاڻي ٿو لکي اظهار ڪري تہ ڪڏهن وري شاعريءَ جي شهر ۾ ڏات جا ڏيئا ٿو ٻاري تہ ڪڏهن وري ترجمي جي تلاءُ ۾ ترندو رهي ٿو.
گهڻ طرفو ڪم ڪرڻ سان هو هينئر تائين ڪنهن بہ هڪ شعبي ۾ پاڻ مڃائي ناهي سگهيو پر هن جو جذبو ئي هن جي سڃاڻپ آهي، جنهن هن کان هيءُ ڪتاب لکرائي ۽ پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچايو آهي.
هن ڪتاب ۾ شامل نثري ٽُڪرا ڪٿي ڪٿي شعريت سان پُر آهن ۽ اها ئي وڏي خوبصورتي هن ڪتاب ۾ شامل نثري ٽُڪرن جي آهي تہ اهي پنهنجي اندر ۾ شاعري سمائن ٿا.
هنن ڪتابن جي اهميت ان ڪري بہ تئي ٿي جو نثر ۽ نظم هڪ ڪتاب ۾ ساهہ کڻن ٿا.
آخر ۾ مان سردار ٻرڙو کي جس ٿو ڏيان جنهن سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ هڪ خوبصورت ڪتاب جو تحفو (گُل) ڏنو آهي.

احمد شاڪر
اشڪا جو گهر، ميهڙ
١ جُون ٢٠٢١ع

## پيش لفظ

## جڏهن لڙڪ جلاوطن ٿيندا آهن ته ڇا ٿيندو آهي!

سموري دنيا جا ماڻهوءَ مايا جي موهه تي فدا ٿيڻ لاءِ تيار آهن. اهڙو ته دور اچي ويو آهي جو جنهن کي ڏس، اهو لالچ جي دبڻ ۾ قاتل نظر اچي ٿو. اهڙي دور ۾ ذهني تسڪين ۽ روح جي راحت لاءِ ماڻهوءَ ادب جو سهارو وٺندا آهن. ڪتاب هٿ ۾ کڻي صفحن کي اٿلائڻ سان گڏ پنهنجي پاڻ کي سُلجهائڻ توڙي پنهنجي ڏکن ۽ تڪليفن کي دفنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙي گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ ادب ئي اهڙو واحد گلستان آهي، جنهن ۾ ٻه گهڙيون ويهي ڪري سڪون حاصل ڪري سگهجي ٿو. ٿڪل جسم، صحتمند ذهن کي ٿڪائي وجهندو آهي. شاعري جڏهن ڀڄگل، ٽٽل جذبن کي سميٽڻ جو ڪم ڪندي آهي ته اُن مهل ماڻهوءَ ٻه اڌ ٿيڻ کان بچي پوندو آهي. اهڙي بچاءُ کي مستقل بنيادن تي قائم رکڻ لاءِ لکڻ ۽ پڙهڻ واري ڪرت سان واسطو جوڙڻ لازم ٿي پوندو آهي.
هي ڪتاب:"جلاوطن لڙڪ" هڪ اهڙي نوجوان جي نثري احساسن جو مجموعو آهي، جنهن ٿوري وقت ۾ گهڻو پوکيو آهي. سندس پوڄنا، ڪيس لکڻ تي هر وقت اُتساهيندي رهندي آهي ۽ هُو قلم توڙي ڪاغذ سان هر وقت ائين جُڙيل رهي ٿو، جيئن موت زندگي سان جُڙيل آهي.
اسان جو هي نوجوان ساٿي سردار ٻرڙو پنهنجي اندر جي آند مانڌ کي ڪڏهن نثر ۾ اظهاري ٿو ته وري ڪڏهن ڪيس نظم جو سهارو به وٺڻو پوندو آهي. هن جي هنن ننڍڙن توڙي طويل نثري احساسن ۾ انيڪ ڪهاڻيون، درد، وڇوڙا ۽ هِجر توڙي فراق جون گهڙيون پساهه کڻي رهيون آهن. هن جيڪو ڪجهه به لکيو آهي، اُهو پوڄنا جي بدولت ئي لکيو آهي. هي نثري احساس ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته ليکڪ جي دل پنهنجي ڌرتي ڌڻين جي دلين سان گڏ ڌڙڪي ٿي ۽ سندس لفظ، جملا توڙي سهڻيون تشبيهون سندس مشاهدي جا ساکي آهن. جلاوطن ٿيندڙ لڙڪ جڏهن اکين مان جاري ٿيڻ شروع ٿيندا آهن ته اُهي پنهنجي پاڻ سان گڏ ڪوڙ سارا ڏوراپا به گڏ کڻي ايندا آهن.

اسان جلاوطن ٿيندڙ لڙڪن جي ڪٿا ڪي اڄ تائين سمجهي ئي نہ سگهيا آهيون. اڪيون لڙڪن کان جڏهن موڪلائيندڙيون آهن تہ اُنهن کي ڏاڍي تڪليف ٿيندي آهي ۽ اِها تڪليف ڪڏهن ڪڏهن اکين کان انهن جو نور بہ کسي وٺندي آهي. هڪڙو تخليقڪار جڏهن اکين جي ڳالهہ ڪري ٿو، اکين مان وهندڙ لڙڪن جي ڳالهہ ڪري ٿو ۽ اتي ئي وري جلاوطن ٿيندڙ لڙڪن جو تذڪرو ڪري ٿو تہ پڪ سمجهو اُن جي اکين رات جو جاڳي ڪري محبوب جي ديدار لاءِ سنهرا خواب اُڻيا هوندا، اُنهن خوابن ۾ پاڻ کي بطور شهزادو ڏٺو هوندو، ان سان گڏوگڏ نہ ڄاڻ ڪيترا خواب پنهنجي پاند ۾ مضبوط ڪري ٻڌي ڇڏيا هوندا. خوابن جڏهن کان حقيقتن جو روپ ڌارڻ کان انڪار ڪيو هوندو تڏهن سندس اکين مان لڙڪ جلاوطن ٿي ڪري جاري ٿيا هوندا ۽ تڏهن هي سڀ ڪجهہ اُن هٿان لکجي ويو هوندو، جيڪو اڄ اوهان اسان جي مطالعي ۾ آهي. اکين مان جلاوطن ٿيندڙ لڙڪن جي هن ڪٿا کي پڙهي ڪري اوهان پنهنجي اکين جا بند مضبوط ڪجو، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اُهي بند بہ ٽٽي پون ۽ دلين ۾ صدين کان مدفون ٿيل وڇوڙي جا وڏ توهان کي وڍڻ شروع ڪن ۽ اوهان هڪ نئين توڙي اڻ ڄاتل پيڙاهہ جي اونهي غار ۾ هليا وڃو جتان اڄ ڏينهن تائين ڪو بہ واپس ڪونہ وريو آهي!

**يوسف جميل لغاري**

## پنهنجي پاران!
## هي منهنجي جيون ڪٿا آهي!

ليڪڪ جي هڪ ڪتاب ۾ سندس ڪيترين ئي راتين جا اوجاڳا، اکين جو ٽڪُ، رولاڪين جي دَرُ، سوچن جا نشان، سگريٽ جي قلي جيان چٽندڙ جوڀن جواني جي خاڪ شامل هوندي آهي، هو انهن سيني ڪاوشن، ڪوششن، اڻتڪ جُهدَ جي ازالي جي اميد پڙهندڙن مان رکندو آهي.

عبدالواحد آريسر چيو هو ته وڇڙڻ فطرت آهي ۽ وسارڻ ڪميٽائپ آهي، جڏهن هوءَ وڇڙي هئي (هوند به وڇوڙي جهڙو آهي)، آءِ رنو هيس، تڙپيو هيس، پيڙاءِ، درد مان گذريو هيس !!......

هجر و وصل ڪنهن عذاب کان گهٽ نه هيو، ۽ پوءِ پاڻ مٿان نازل ٿيندڙ هر ڪيفيت ڪاغذ تي لکيم ٿي، لکندي لکندي خبر ئي نه پئي منجي(منهنجي ) وجود منجهه هڪ لکاري جو ڪردار لهي آيو ۽ آءِ ادب سان سلهاڙجي ويس.

هڪ ليکڪ جڏهن لکندو آهي ته، اهو وڏي عذاب مان گذرندو آهي، ڏرتي ۽ ماڻهن جا درد ان جي تحرير ۾ سمايل هوندا آهن، دقيانوسي سماج جي مدي خارج ريتن رسمن سبب سمبارا جي وڇوڙي خلاف احتجاج ۽ ڌرتي کان وڇڙندڙ سونا پٽر، سنڌوءَ جو جرڪندڙ پاڻي ۽ قوم کان کسيل اظهار جي آزادي تي ڳاڙيل لڙڪن کي منهنجي قلم لفظن جو ويس پارائي ڇڏيو آهي.

منهنجي احساسن ۾ خيال هڪبئي سان ملندڙ جلندڙ آهن، ان جو اهو ئي سبب آهي جو منهنجي محرومي، مفلسي، ۽ احساس ڪمتري هڪ سائيڪل ۾ گهمي ٿي.

امرتا پريتم لکيو آهي ته:

هر ڪوتا، گيت، ڪهاڻي، چتر، ڪلاڪار جو هڪ خاموش خط هوندو آهي جيڪو هو پنهنجي پريمي ڏي لکندو آهي، پر اهو پڙهندڙ ئي آهي جيڪو ان ۾ پنهنجي ارٿ موجب لفظ ۽ سپنا پريندو آهي.

جڏهن کان سانپر آئي آهي، مسلسل پٽڪندو رهيو آهيان، انهن پنڌن ۽ پيرن ۾ لڳل ڪنڊن جي نشانن ۽ چهري تي ڇانيل صدين جي ٿڪ، هجر جي ولوڙ جو جواب منهنجا هي احساس آهن،

بنيادي طور آءِ نثر جو ماڻهو آهيان، پر هي نثري احساس جيڪي نظماڻو رڌم رکن ٿا تن کي مان پنهنجي "جيون ڪٿا" "پنهنجو ماضي" "سمبارا جو وڇوڙو" "سانوري جون نادانيون" "زماني جون لاهيون چاڙهيون"

"مفلسي ۽ محرومي" "اڻ ڄاتل منزل ڏانهن پنڌ" "آزادي سان عشق، انسانيت جو اونو ڪونيان ٿو.
جڏهن لڙڪ اکين جي ملڪ مان وڇوڙي جي ڪيفيت سبب تڙي جلاوطن ڪيا ويندا آهن، تہ اهي ڳلن جي صحرا تي پٽڪندي وسامي ويندا آهن، ائين جيئن رات کان پوءِ اڀ جي چولي جا سڀ تارا وسامي ويندا آهن.
جڏهن آءُ اداس ٿيندو آهيان تہ پوءِ اُداسي کي ڳوٺ جي ڏڳن تي وَلرَ جي ڳُرن مان اُٿندڙ ڌُوڙ سان گڏ اُڏاري اُفق تي سَجيل شَفق ڄهڙي شَام کنهن ڪِتاب ۾ گهاري موٽي ايندو آهيان، اهو منهنجو غير معمولي مشغلو آهي،
هي جيڪو ڪتاب (احساساتي مجموعو )اوهان جي مطالعي هيٺ آهي، اهو منهنجي ڪتابي ترتيب مان چوٿون ڪتاب آهي، پر اها خوشنصيبي چئبي جو هن جو وارو اڳ اچي ويو، آس اٿم تہ ٻيا ڪتاب بہ اوهان جي ڊجيٽل ٽيبل تائين ۽ نازڪ هٿڙن تائين جلد کان جلد پهچايان.
يقيناً هن ڪتاب ۾ ڪيتريون غلطيون هونديون، پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ منهنجي هن ننڍڙي محبت ۽ محنت کي پڙهي غلطين جي نشاندهي ڪن ۽ پنهنجو رايو پڻ ڏين، جنهن کي آءَ قبول ڪندس ۽ اڳتي سڌارا آڻيندس.
آخر ۾ هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ لاءِ پياري ڀيڻ جويريا پهنور جنهن کي آءَ پيار منجهان (جيا آپي سڏيندو آهيان) جو ٿورائتو آهيان، ان کان علاوه مهاڳ لکڻ لاءِ امڙ اقبال جي لاڏلي، ڪونڊر پٽ احمد شاڪر ۽ پيش لفظ لاءِ نري ميرواه سان تعلق رکندڙ سڃاڻ نثر نويس يوسف جميل لغاري جو ٿورائتو آهيان، جن پنهنجي طويل مصروفيتن مان وقت ڪڍي چند لفظ لکي عزت بخشي، ۽ جن جن هن ڪتاب ۾ پنهنجو هٿ ونڊايو، جن مفلسي سبب بيزاري جا طعنا ڏنا ۽ پنهنجي انهن سمورين سماجي ناقص حالتن جو پڻ ٿورائتو آهيان، جيڪي ٿورڙي عرصي تائين مون کان دور رهيون، جن جو قرض آءُ سود سميت ادا ڪندس.

**سردار ٻرڙو**
ڳوٺ مبارڪ ٻرڙو
مورو_سنڌ
وقت: 1:22 رات
03052356233

## تلاش گمشده

ٽيڪنالاجي جي دنيا، ڪيڏي نه وڏي آهي؛
آءُ هرروز ڊائري تي، هڪ نظم لکي؛
تنهنجو فيسبڪ اڪائونٽ سرچ ڪيان ٿو،
نه جاڻ!
تنهنجي هم اسم ڇوڪريون،
الائي ڪيتريون ايڊ ٿي ويون آهن.
ڪالهه ته هڪ ميسيج به آيو،
مون کان چرڪ نڪري ويو،
خبر اٿئي هن مون کي ڇا چيو؟
چيائين مون تي هڪ نظم لکُ،
اهو مون لاءِ وڏو الميو ٿيو،
پوڙهن ٽن سالن جي وڇوڙي ڪانپوءِ،
آءِ توکي ڳولي ناهيان سگهيو،
هونئن ته اليڪٽرانڪ ترقي،
دنيا کي گلوبل وليج بڻائي ڇڏيو آهي،
پر....
ٽيڪنالاجي منهنجي مدد ۾ به،
ڪيڏي نه پوئتي بيٺي آهي،
ڪهڙو فائدو اهڙي ترقي جو؟
ناسا مريخ تي جاندار ڳولي لهي ته؛
ڇا مان توکي ڳولي سگهندس؟
انهن ماڻهن جو ماضي ڪيڏو نه سندر هيو،
جن جا خط باڪس جي ڪوڪن ۾ پارسل ٿي،
چاهيندڙن تائين رسندا هئا،
هر ايپليڪشن آزمائي چڪو آهيان،
پر تنهنجي لوڪيشن نٿي ملي،
هڪ هنڌ ته هر وقت موجود آهين،
اها آهي منهنجي دل،
ايندڙ وقت ۾ ڪو اهڙو ايپليڪشن اچي سگهي ٿو؟
جنهن ۾ تنهنجو نالو هڻڻ سان تنهنجي لوڪيشن جي خبر پوي؟

## مان ليکڪ آهيان

مان خوش نويس آهيان،
هڪ حالت ۾ رهڻ،
منهنجي لاءِ ممڪن ناهي،
ڏس!
مون کي هڪ کهاڻي،
تحرير ڪرڻي آهي.
جنهن لاءِ مون کي:
بيچيني گهرجي،
سرد هوا جيتري،
سستو سگريٽ،
هلڪي ويندو.
پنهنجا ساز سموئي ڇڏ!
مون کي رات گذارڻي آهي،
مان پنن تي،
لکيل لفظن مان،
فطري ساز..
ٻڌي سگهان ٿو،
ڇڏا چير جهڙي تڪليف زده تحرير،
ٽارچر سيل جي قيدين
جي نانءُ،
هڪ رات جو قلمي پورهيو،
ڏس!
مون کي لکڻو آهي،
تنهنجا منڙا ٻول،
ڪنيي گم ڪيل
سپوت جي مڱيندين
جي اشڪن جي تذليل ڪري رهيا آهن،
مون کي هڪ هڪ ڪنواري،
جي لڙڪن
جي ٻوندن جو،
قرض ادا ڪرڻو آهي،
ڇا!
تنهنجو رومانچڪ رويو،
رات جا چار پهر..
ڍڪو نٿو رهي سگهي؟

ايندڙ صبح،
تنهنجي خوش مزاجي
۽
منهنجي تحرير
نڪور خيال جنميندا
مان لکڻ گهران ٿو،
مون ڪي قلم ۽ سفيد پنو ڪپي،
سستو سگريٽ ٻہ هلي ويندو،
چڏا چير= ٺارچر سيل ۾ سزا جو هڪ قسم*
رهجي ويل خط
هجر جي رُتُ ۾،
لکيل سمورا خط،
جن جي تو تائين رسائي
هن انڌي، گونگي ۽ ٻوڙي سماج:
اجازت نٿي ڏني.
اڄ منهنجي اڱيان
منهنجو ماضي ٻڌجي؛
مونسان ڳالهائين پيا,
پنن جون ڦاٽل ڪنڊون،
هوا ۾ جهومي,
مون ڪي طنزياتي ٽهڪڙا اُرپي رهيون آهن!
لفظ جيڪي پنن جي ريگستان تي؛
پڳلي پوڙها ٿي ويا آهن،
ڪي ورهيہ اڳ,
جڏهن ڳوٺ جي ڪارين راتين ۾؛
آءُ فقط تولاء لکندو هيس،
۽....
ڏينهن جو پاڻ لاء جيئندو هيس.
۽...
هاڻ قوم لاء جيئان ٿو!
اڄ اهي سموريون لکڻيون؛
منهنجي اڱيان وڪريل آهن!
هڪ سٽ ........
جا اڄ مون پاڻ سان ڳالهائي چئي تہ:
تو طرفان مليل دردن جي تحفن؛
مون کي مجبور ڪيو تہ؛
آءُ توکي وساري ڇڏيان!
سا مون مٿان! وچ ٻڌجي ڪڙڪي آهي!

آء توکي تہ وساري ڇڏيان...
پر! اهي لڪٽيون...
ڪنهن جي ڪاتي چاڙهيان!
جيڪي مون تو لاء سرجيون؟
ڪاش! ڪو اهڙو لائبريرين بہ هجي؛
جيڪو هي دستاويز سانڍي رکي!

## سچائي جي وجدانيت

جيل جي هڪ ڪنڊ ۾،
سقراط سوچي رهيو آهي ،
گونگو چنڊ يونان مٿان،
پهرا پيو ڏئي،
ماڻهو گونگا آهن ،
چونڪن تي ڪتا ڀونڪي رهيا آهن،
رات خاموش آهي،
سچ ڪني ڪيڏي آهي ،
اٿينس جي چوڪ تي،
سقراط جو سرد لاش،
خاموش پيو آهي ،
ماڻهن سوچڻ شروع ڪيو،
اڄ تائين سوچين ٿا,
هتي ڏڪر آهي,
ڇو؟
ڳالهائڻ تي پابندي آهي,
ڇو؟
ماڻهو سوچين ٿا ،
۽ سياڻي سوال ڪندا,
اها آهي ،
سچائيءَ جي وجدانيت.

**سمبارا ۽ سانوري**

سمبارا !
اهو سچ آهي تہ؛
توکان پوءِ؛
آءُ ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿي پَوان ٿو.
۽....
سانوري!
مون کي سمجهائيندي ٿڪجي نٿي!

## سوچان ٿو توتي هڪ نظم لکان

رات موڪلائي رهي آهي،
وقت چار، پنجو نجاهه ٿيو آهي،
اجهو هيڏانهن يا هوڏانهن،
ملان ٻانگ ڏيندا.
۽ چوندا
الصلواة خير من النّومُ
پر ! انهن کي ڪهڙي خبر
مان ساري رات ستو ناهيان
سوچي رهيو آهيان!
سانوري تي هڪ نظم لکان.
واپس وڃي ميسينجر ۾
تنهنجا سڀ ميسيج پڙهان ٿو.
پڙهندي پڙهندي اوچتو تنهنجي تصوير سامهون اچي وڃي ٿي.
تصوير ڪولينم !
تنهنجي تصوير کي غور سان ڏسي رهيو آهيان.
محسوس ٿيو تنهنجي اکين ۾ موکي جي تڙ کان وڌيڪ سڪون بخشيندڙ مئه خانو آهي.
۽ ائين لڳي ٿو منهنجا صدين جا ٿڪ لهي ويا..
زندگي جي سفر ۾
عمر ٿي ڪانہ هئي پوء بہ الائي ڪهڙي طاقت ڏسي لوڪ
اذيتون ڏيندو رهيو،
ها پر! مون کي يقين هو.
هڪ ڏينهن منهنجي طاقت
منهنجو سهارو مان
ڳولي لهندم...
۽ هاڻ ڳولي لڌو اٿم..
تنهنجي اکين ۾ گهوريندي
ڏسان ٿو تہ!
موکي جي مٽ کان وڌيڪ
ڪو بهشتي آب ڇوليون هڻي رهيو آهي.
ٻڌ سانوري....
ڇا تو ڪڏهن اهو سوچيو آهي؟
تنهنجي لب مٿان اهو تر ڇو آهي؟
تنهنجي لب مٿان تر
خدا جو ڏنل آٽوگراف آهي.
توکي خبر آهي جڏهن آء ننڊڙو هنيم،

تہ مسڪرائڻ وقت، منهنجي مٽ تي
ڪڏ نهي ايندي هئي .
ماڻهن چيو اهو ڏمپل آهي.
ڪيئي سال منهنجي ان ڏمپل تي
پاڙي واري ڇوڪري عاشق هوندي هئي.
جڏهن آء هن وٽ ٽيوشن پڙهندو هيس ته چمي ڏيندي ڳِٽي جو رت چوسي ويندي هئي.
پوء زندگي جي وهڪري ۾
آء جڏهن اڪيلو رهجي ويس..
منهنجي چهري جون سڀ ڪششون
سيئي مسڪراهٽون سائيبريا جي ڪونجن جيان اڏامي ويون.
منهنجي زندگي پيانڪ بڻجي وئي..
هاڻ اهو ڏمپل تنهنجي ڳِٽي تي پسيو اٿم.
هاڻ تنهنجون اکيون ۽ سدا سرهو چهرو
ڏسي جيئڻ جي خواهش ٿي آهي.
پائيان ٿو اڄ رات نئون ڄائو آهيان.
تنهن ڪري تہ ننڊ نہ ڪئي اٿم ..
سانوري !....
ملان فجر جي بانگ ڏئي رهيو آهي،
چوي ٿو :
"نماز ننڊ کان وڌيڪ آهي"
مان تہ سڄي رات ستو ناهيان.
سوچيندو رهيو آهيان
ته توتي هڪ نظم لکان ...
آء تنهنجي سادگي ۽ مئڪشي ۾ گم ٿي ويو آهيان.
سوچان ٿو توتي هڪ نظم لکان.

## پوسٽر

خوشيون ڪيئن خريد ڪيان؟
منهنجي ڪيسي کان وڏيون آهن.
نئون جوڙو ڪيئن پائيندس؟
اهو تہ پراڻي قرض ۾ گروي رکيل آهي.
چڳل جتي نتو پائي سگهان،
ماڻهو ڇا چوندا....!؟
خوشيون سجاڻپ ۾ نٿيون اچن.
ڇو تہ؛
انهن کي ماسڪ پاتل آهي.
شايد پنهنجو شناختي ڪارڊ به،
ڪيفيت کان لڪائڻ چاهين ٿيون.
ڪٿي ملنديون؟
شهر ته لاڪڊائون آهي.
آءُ توکي مبارڪ جي مٺي ڪيئن ڏيندس؟
چپن کان رَسُ رُسي وئي آهي.
منهنجو تو تائين پهچڻ مشڪل آهي،
ڇو ته؛
خوشيون ايڪسپائير ٿيڻ ۾ ٿورو وقت بچيو آهي،
جيڪڏهن تون منهنجي خيالن کي آواز ڏئي سگهين ته؛
مبارڪون بہ وصول ڪجان!
منهنجي آواز کي اٽيڪ پئجي ويو آهي.
هجر ڪٽيندڙ ماڻهو تنهنجي گهر ڪيئن اچي؟
ان لاء
گلوبل وليج جي پٽ تي؛
خوشين جو پوسٽر چنبڙائي واپس وڃي رهيو آهيان

## تنهنجي ٿڪن لاءِ جدوجهد

هوءَ هر پيري ڪلندي چوندي آهي،
اسان جا ٿڪ ٻه سماج ڪي نٿا وڻن،
سچ اهو آهي ته؛
جڏهن هوءَ وشال ٿڪ جي پاتال مان گذر ڪندي آهي،
هڪ نئين ڪائنات تخليق ٿيندي آهي،
۽ مان اهي ٿڪ ٻڌي؛
ڪنهن ڪهڪشان جي سحر ۾ گم ٿي ويندو آهيان،
هن جا وشال ٿڪ،
فطرت جا گيت چوندا آهن.
۽ مان هر واري هن سان وچن ڪندو آهيان،
سانوري!
مان تنهنجي ٿڪن لاءِ؛
صحتمند معاشرو تخليق ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندس،
جنهن جي آزاد فضا ۾؛
تنهنجا ٿڪ خوشين جا پکي ناهي اڏرائيندا،
جن کي هي معاشرو قيد نٿو ڪري سگهي!

## پيار وڏو ڏوهه آهي

سمبارا!
اڄ وري تنهنجي آواز سان گڏ،
تنهنجو رقص ياد پيو اٿم!
۽..
هوءَ بارش واري رات،
هئه...! اها تہ توکان نہ ڪانہ وسرندي،
تنهنجي ياد ۾ لکيل،
"ڪيفيتن جي ڊائري "
چاهيان ٿو منظرعام تي اچي وڃي،
هئه مفلسي......
اها تہ!
مون سان گڏ مري رهي آهي.
سمبارا عرصو ٿيو آهي
تنهنجي ڪال ناهي آئي!
۽ آءِ چاهيندي بہ
قاصد هٿان پيغام نٿو موڪلي سگهان!
ڇو تہ دقيانوسي معاشري ۾ پيار ڪرڻ وڏو ڏوهہ آهي،
ها وڏو ڏوهہ آهي!

## بيواه ننڊ

ننڊَ جا ترپَ ڪان آجي هُجي،
طويل هجي،
ماضي حال ۽ مستقبل جو اونو
هجي ئي نہ...!
آدرش ڪان خالي،
ڪو خواب خيال نہ هجي!
سا ننڊَ اجائي آهي
ننڊَ جا سڪون جي تَلاشَ هجي!
اها ننڊَ نہ!
سنڌَ هوندي آهي،
ننڊَ خوابن بنا بيواهہ هوندي آهي

## اندر جو ڏُک

ڪالهه ڪان سوچيان پيو
پنهنجي اندر جو ڏک
هڪ ڊڪ ۾ پي
تنهنجي وشال ٿهڪن
الهڙ جواني
آزاديءَ سوچ
کي نپوڙي
هڪ نثري نظم تخليق ڪيان..
پر!
توسان جي ڳجهه جون ڳالهيون سلٽيون هيون.
اهي تون ٻڌڻ لاءِ تيار ناهين...
شايد....!
آءَ تنهنجي سوچ کي سمجهڻ کان قاصر آهيان.
ڇوته..!
تون ڪوهستان پرڳڻي جي نادان ناري آهين
مان ساهتي پرڳڻي جو پڙهيل ڇوڪرو..
ڇا تو ڪڏهن سوچيو آهي؟
مون کي سانورا ماڻهو ڇو وڻندا آهن؟
ڇو ته اهي وفادار هوندا آهن.
پر مان ڇوان ٿو
وفا جو ليبل رنگن تي ناهي هوندو..
جيڪڏهن ڪير توکي چوي ته:
ڏک پيئڻ جو فن ٻڌا!
تون ان کي مون ڏانهن رفر ڪجان!
آءَ ڪچي ڪڙي مڙ جيان
ان کي ڏک پيئڻ جو فن سيکاريندم
۽ هو
مون جيان ڏک پيئڻ جو
آرٽ سکي ويندو..
۽ هو پنهنجي گرل فرينڊ
جي مک تي
وشال ٽهڪ بيواهه نه ٿيڻ ڏيندو.
جيئن آءَ تنهنجي
ڪنوارن ٿهڪن کي
پنهنجي خواهش کي ماري.
زنده رکڻ ٿو چاهيان..

## روح جووجود

سائنسي حساب سان،
روح جو ڪو وجود ناهي،
ها ! پر.....
هجر جي رُت ۾ ؛
ڪاڇي جي تتل،
رڻ ۾،
گاج جي پٿريلن جبلن منجهه،
جڏهن ڪو جسم تڙپندو هجي،
فقط!
ان آس تي؛
ته هڪ ڏينهن،
روشنين واري چرچ ۾،
تون اڇو ويس پهري،
هٿن ۾ گلاب کڻي،
منهنجو انتظار ڪنديئن،
ها!
جيڪڏهن اهو محض خيال آهي ته؛
ڇا ؟
خيالن ۾ تنهنجو آواز ..؟
ڇا هوائون ڳالهائين ٿيون؟
ها پيغام جي رسائي ٿئي ٿي،
هوائن ذريعي،
مون ساموندي هوائن ۾ ،
اڏرندڙ زلفن جي خوشبو ،
چنڊ جي موسم ۾ ،
جڏهن گرم جهولا عروج تي هوندا آهن،
جوئر جي سنگ مٿان بلبل ،
رقص ڪندو آهي،
مون انهن زلفن جو خوشبو ،
هت محسوس ڪئي آهي،
ها!
ها جيڪڏهن آء ڪوڙ ڳالهايان..
ته ڇا ؟
هوائون به ڪوڙيون آهن؟
هوائون ڪوڙيون نٿيون ٿي سگهن

چو ته!
هوائون انسانن جا رُخ بدلائي ڇڏينديون آهن،
ها ! سپوت اهو آهي ،
جيڪو هوائن کي چيري،
نئون رستو ناهي ، تاريخ اڏي،
ها! جيڪڏهن سائنسي حساب،
سان روح جو ڪو وجود ناهي ته؛
اچ شاعري مان احساس ،
ڪهاڻي مان تصور،
ناول مان خيال،
۽ پيار مان اڪير ،
ڪڍي ڇڏيون ،
پوء ڪهڙي سائنس ،
ترقي ڪندي؟

## وڇايل ڏڳ

خيالن جي،
جهرمر جهنگ ۾،
تنهنجي پويان
ائين ڊوڙيو آهيان،
جيئن ٻالڪپڻ ۾،
لغڙ پويان ڊوڙندو ،
جهنگ ۾ پهتو هيس.
جتي تتهڻ اس ۽ گرمي منجهه
ڪارڙو تتر پنهنجي ڪٻي ڪي
پاڻ ڏانهن پڪاري رهيو هو،
زندگي خيال آهي؛
اهو اڻ وسرندڙ خيال
جنهن جا سڀ سپنا
ماضي بڻجي وڃن ٿا،
هن خيال ۾
تون مون کان ڪٽيل لغڙ جيان
ڏور نڪري وئي آهين،
هِجر جي رُت ۾
ساٿ ڏيندڙ پڪ رنگي
دوست جو ميسيج آيو،
ڪيس مٿان ڪشف ٿيو آهي،
چيائين:
آءٌ هاڻ ڊگها ڪش نٿو ڇڪي سَگهان.
ها...!
مون کي خبر هُئي،
هڪ ڏينهن تون به
چَند گهڙين واري سُڪون
کان تنگ ٿي ڇڏي ويندين،
تنهنجو ميسيج آيل هو،
ڪنا..! پاڻ کي سڄاڻ،
شايد تو تصوير جي
ڳالهه ڪئي آهي،
آء تہ تنهنجي ياد ۾ پاڻ وساري وينو آهيان،
فرق اهو آهي
تنهنجي زندگي تصويرن تائين محدود آهي،

ائين ڪٽين چئجي؛
تون احساس جي حقيقي
معنيٰ ڪان واقف ناهين..!
توونٿ شايد اظهار ناهي..!
آء اظهار جون سرحدون اورانگهي،
خيالن جي جهنگ ۾ وڃائجي ويو آهيان،
جتي تنهنجي مڪڙي واري
ڊمپل جي ڳُن ۾؛
منهنجو احساس ڦيراٽيون ڪائي رهيو آهي،
احساس جنهن جي عمر
حضرت انسان ڪان وڏي ٿئي ٿي،
احساس ۽ آدرش
شايد سڳا ڀائر آهن،
جنهن ڪي سموري ڄمار
همدردي جو هڪ پل به؛
وڏي مشڪل سان ملي ٿو،
تو اهو به چيو هو،
ان رات ڪان پوء منهنجا لفظ
جواب ڏئي وينا آهن،
۽...!
ان رات ڪان پوءِ ..
مقصد جا هڙئي ڏڳ،
منهنجي اڳيان،
سائيبريا جي ڏنڌ جهڙا بڻجي ويا آهن.

## الميو

اليمو اهو آهي
هو چون ٿا مان خوش آهيان
دراصل مان زنده لاش آهيان
مسلسل نٽرهڻ اس ۾ تڙپندو رهيو آهيان
آس هئي ڪنهن گهاٽي بڙ جي
ڇانو ۾ ساهي پٽيان ڪجهه ورهيه
هلندي هلندي گهاٽو ٻوريل بڙ نظر آيو
آءُ هن جي ڇائو ۾ ترسڻ لاءِ
هلندو رهيس
پر بڙ مون کان ڏور ٿيندو ويو
ڏور ٿيندو ويو...
آءُ پري رهيو آهيان
آءُ روئي رهيو آهيان

## حويلي جي قيدياڻي

مون ڪڏهن به اکيون کڻي
هُن جي ڇهري ۾ گهُور وجهي
نه ڏٺو .
پر هوءَ هميشه چوندي هئي ،
تنهنجي هوند اکين ۾ چنڊ پسان .
هوءَ مذهبي ڇوڪري ،
ڪڏهن ڪڏهن تاريخي ڳالهيون ،
چئي ويندي هئي .
ويٺي ويٺي چيائين؛
حويلين جا راز چنڊ کان پڇو ،
مون نظرون کڻي هن جي ڇهري ۾ ڏٺو ،
هن جون اکيون ڇهري ته سمنڊ مٿان لامارا ڏيندڙ،
اڇڙي ڪبوتر جيان لڳي رهيون هيون .
ائين جيئن !
حويلين مٿان چنڊ لامارا ڏيندو هجي.!

## تَلخ نظم

خدا ڄاڻي تو شايد! تون به
تُنهنجي دِل ۾ پشم جِيان نُرم آهي،
پر پنهنجو پاڻ کي قيد ڪري،
چوندي رهي آهين،
اها منهنجي فطرت آهي،
بي رخي، هڪ هٺي، ڏڪائڻ.
پر سائنس چوي ٿي:
فطرت هڪ هنڌ بيهندي ناهي،
هوءَ گول دائري ۾ گهمندي رهندي آهي،
انساني ارتقا تي پڻ انجا گهرا اثر پون ٿا.
مون کي يقين آهي تون هڪ ڏينهن
مون کي سمجهنديئن،
جي ائين نہ ٿيو تہ:
مان توکي ضرور سمجهي ويندس
دل چوي ٿي ته:
سانوري جي ديس،
جوهي جي مندر ۾:
هولي ملهائڻ کان اڳ
پڳت جي جاء ته:
شوو ماتا جي مورتي اڳيان:
تاڙي ڇٽڪي تي:
تنهنجي مور جهڙي هلڻي:
تي لکيل نظم پڙهي:
پنڊت پوڄاري کان پوڄا ڪرائيندس
تہ منهنجا تلخ لفظ
۽
سانوري جا تلخ لهجا ميسارجي وڃن.
توکي خبر آهي؟
جوهي جو مندر ڪاڇي جي نرڙ تي
تلڪ جيان آهي،
جيئن تو تي لکيل نظم منهنجي
هڙني لکڻين جو نڪ آهن:
سانوري تون منهنجي لکڻين جي:
محور بڻجي چڪي آهين.
روز هڪ نظم توتي تخليق نه ڪريان:

تہ شايد بي چيني هوندي،
تنهنجي لهجن تي هونئن بہ؛
منهنجا اکين جي ڏنڊ مان؛
نند جا پکي اڏاري ڇڏيا آهن.
منهنجن نظمن مان بي رخي جهڙا،
تلخ ۽ دل جهوريندڙ لفظ اڏامي ويندا،
منهنجي ڪلڪ جي ڇهنب
جڏهن ڪاڇي جي حسن تي لکندي،
تڏهن تنهنجا تلخ لهجا بہ نرم ٿيندا
۽ آء فخريہ نظم لکندس.

## سِڪ

جڏهن ڪان هوءَ ملي آهي
منهنجي سوچن ۾ پيرن جون وڪون،
هر روز هن پنيان ڊوڙيون آهن،
ڪيمپس جو آخري گيٽ منهنجي لاءِ
روز سرحد بڻيو آهي،
سوچان ٿو تہ......
ڪي ڏينهن ان جي شهر هليو وڃان...
ان جي شهر ۾ رهي..
"مدهوش" جي شاعري جا ڊڪ پري
جوهي واري مندر ۾...
رقص ڪندو رهان....
مستانن جيان
هن جي شهر جي گهٽين ۾ رلندو رهان...
اها خبر هن کي جڏهن پئي
هوءَ چاهيندي بہ...
مون کي پنهنجي شهر مان نيڪالي نہ ڏئي سگهي....

## سانورين سان ڪير پريم ڪندو؟

مون هن ۾ جهاتي پائي ڏٺي آهي .
هوءَ اندران پشم جيان نرم آهي،
ائين نہ چئہ تہ هو صرف انسان جهڙي شڪل رکي ٿي،
انسان ناهي...!
اهو چوڻ ڏوهہ ٿيندو....
ڇا توکي خبر ناهي...؟
عورت غلام آهي..
سماج جي ريتن ۽ رسمن جي،
انجون سوچون غلام آهن،
ان جا رويا بہ غلام ٿي سگهن ٿا تہ،
ان جون اميدون بہ....
اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ:
جيڪڏهن مون هن کي بي وفا چيو؛
پلي ڪٽين ٿي بہ پئي...!
پوءِ ڇا....؟
سانورين سان ڪير پريم ڪندو،

## سوچون

آءُ اهو سوچڻ کان قاصر آهيان.
تہ ماڻهو منهنجي باري ۾ ڇا ڇا سوچين،
دنيا ۾ ڇا پيو وهي واپرائجي،
توهان ڇا پيا سوچيو؛
منهنجون سوچون محدود ٿي چڪيون آهن،
هونئن تہ سوچن جي سرحد ناهي هوندي.
پر! اڄ ڪلھ آءُ،
هُن جي ديس تہ نظم تخليق ڪري رهيو آهيان،
هُن جي ديس جون سانوريون،
ڪاڇي جي توڏن جيان،
ڳاٽ اوچو ڪري هلن ٿيون،
هنن جي چهري تي،
ڪير ٿر جي سونهن جهڙي،
مسڪراهٽ پکڙيل آهي،
منهنجي سوچ هن جي،
ڪُڙ ڏئي هلڻ کان،
وشال ٿهڪن تائين،
محدود ٿي چڪي آهي،
آءُ هن جي چهري تي رقص ڪندڙ،
وارن جي ڇڳي تہ پورو ڪتاب لکي سگهان ٿو.

## محدود

هوءَ چوي ٿي؛
آءُ پنهنجي سوچن
۽ پنهنجي لکڻين کي؛
لامحدود بڻايان؛
پر شايد هوءَ نٿي ڄاڻي؛
منهنجي لاءِ سانوري؛
ائين آهي، جيئن؛
سُتريل قومن لاءِ آثارِ قديمه،
هن جي ڳالهين،
سارنگ جي وسڪاري جيان؛
منهنجي دل تي اثر ڇڏيا آهن،
آءِ ڪيئن چوان ته؛
منهنجون سوچون لامحدود آهن.
چو ته؛ تون مون لاءِ..
چنڊ نه، ڪائنات آهين،
جنهن ۾ هزارين چنڊ،
سوين، ستارا، آبشار،
ڪربين ڪهڪشائون ۽ چنڊَ آهن.
ڏس آءِ ٿي ويس نه ڪائنات تائين محدود !

## سرمدءَ ان جا گيت

واءُ جو جهوٽو لڳو
مون وٽن ڏي ڏٺو
پن پن مان پڙلاءُ اچي رهيو هو
جهڙو آزادي جو گيت ڳائيندا هجن،
ڪالهه منجهند ڌرتَتي،
جوئر جي سنگ مٿان رَقص ڪندي
طوطو ٻولي رهيو هو
هوڏانهن ٽريڪٽر ۾
سرمد جا گيت هلي رهيا هئا،

## ڪارونجهرکي بچايو

:او مٺي! مون کي معاف ڪجان؛
توکي ياد هوندو،
مون توسان ڳچي گهر واري؛
ڳنهڙي جي اوٽ ۾ واعدو ڪيو هو ته،
پاڻ نگر پارڪر هلنداسين ،
توکي ڪارونجهر ڏيکاريندس
جنهن جو ڳاٽ اوچو رکڻ لاءِ
ڪارونجهر جي ڪولهياڻين
پنهنجا مڙد ڪُهرائي ڇڏيا،
۽ هر واري جڏهن تون مليئن
توکي نگر جي سهڻي؛
مورن جون تصويرون ٽي ڏيکاريم ،
جيڪي تنهنجي وارن کان ٻه وڌ؛
غضب جا سهڻا هئا ،
او ڪارونجهر !
مون کي تون ڪڏهن معاف نه ڪجان
چاڪاڻ!
آءُ تنهنجي لاءِ جيڪي خواب سوچيا
شايد اهي منهنجي لڪڻين ۾ ملن
او ڪارونجهر !
انقلاب کان پوءِ مون پهريون ڪم
ظالم جي خاڪي وردي تنهنجي چوٽي تي ساڙي
روپلي جي روح کي دونهين جو واس ڏئي
وري اتارڻ ٽي چاهيو
چاڪاڻ !
اسان کي روپلي جي ضرورت آهي ،
تنهنجو ڳاٽ روپلو ئي بچائي سگهي ٿو
او ڪارونجهر !
اسان جي خوابن جو پرم رکيج
اسان کي روپلو موٽائي ڏي
اسان تنهنجو ڳاٽ بچايون.

## ڪاش تون چاٽين هان

او پرين !
ڇا تُون چاٽين تي ؟
مان تنهنجون راهون ائين تڪيندو آهيان،
جيئن !
ڳوناٽا جهاز ڪي.....
ڇا تون چاٽين تي؟
مون ڪي تنهنجي ايتري ضرورت آهي
جيتري!
هڪ جهوني ڪي سياري ۾ سوَڙ جي،
۽
گرمي ۾ هوا جي...
ڇا تون چاٽين تي؟
الماري ۾ ڪتابن تي راڄ ڪندڙ ..
تنهنجي لاء آندل گفٽ،
دز جي هولي ڪيڏي رهيا آهن..
او پرين !
توکي خبر آهي؟
تنهنجون يادون منهنجي ،
دل جي آڳند تي،
ائين ڪُڏنديون آهن،
جيئن!
چوڏس چاندوڪي رات ۾
سڪئي گهر جا ٻار گهرَ جي ,
آڳند تي نچندا آهن...
او پرين!
آء ته ان ڏينهن روحاني طور ,
مري ويو هيس...
جنهن ڏينهن تون ٻئي ڪنهن جي زندگي تي هئين...
۽
ان ڏينهن ڪانپوءِ...
هرروز تنهنجون يادون،
منهنجي خوشين جي تَڏي تي،
تعزيت ڪنديون آهن.
او پرين !
توکي خبر آهي ؟

جڏهن تون چڏي وئينءَ..
مون کنهن کي ائين نہ چيو
Leave me alone
پر پوءِ بہ مون کي سڀ ڇڏي ويا،
تون منهنجي ملڪيت هئينءَ،
ڪاش!
تون سڀ ڄاڻين هان،
تہ شايد!
مون تي هِجر جا پهاڙ نہ ڪِرن ها،

## تون ياد رهندين

جيئن رام کي ياد ڪرڻ وقت
سيتا کي به ياد ڪيو ويندو آهي.
جيئن!
مجنون سان گڏ ليلا کي؛
۽
رانجهي سان گڏ هير کي ياد ڪيو ويندو آهي.
جيئن!
پنهون سان گڏ سسئي کي،
۽
ميهار سان گڏ سهڻي کي،
جيئن
موکي کي ياد ڪرڻ وقت متارن کي؛
۽،
سنڌ سان گڏ لطيف کي،
جيئن!
چين جو نالو ٻڌڻ وقت؛
ان عظيم ديوار جو عڪس؛
تري ايندو آهي،
جيئن برصغير جي ورهاڱي تي؛
سوچيندي روئڻ ايندو آهي،
ائين ئي مان؛
ڪاڇي جو ذڪر ٻڌڻ وقت؛
توکي ياد ڪندو آهيان.
اها انساني فطرت جي ؛
پرمپرا آهي.
ائين ئي ايندڙ نسل
مون کي ياد ڪرڻ وقت
توکي بہ ڪونہ وساريندو.

## ڪير ٿو چوي آدرش

انسان سان گڏ ،
متي ۾ سمهي پوندا آهن ؟
آدرش زنده رهن ٿا ،
زنده رهندا آيا آهن ،
ننڍي جي سورشن ،
ڪان وني ،
جڪرن جي ويڙهاند تائين ،
هيمون جي بغاوت ڪان ،
هوشوُ جي سرفروشي تائين ،
آدرش مئا ناهن ،
آدرش ساڳيا آهن.....
ها پر.......
حالتون تبديل ٿيون آهن،
تلوارن ڪان قلم تائين ،،
ڏاڍا ڳابا ٻہ تبديل ٿيا آهن ،
عربن ڪان انگريزن تائين ،
ترخانن ڪان ترڪن تائين ،
غزنوين ڪان مغلن تائين ،
پر آدرش ساڳيا آهن....
جابر ضرور تبديل ٿيا آهن..
شاهہ بيگ ارغون ڪان ،
مدد خان پناڻ تائين ،
بن قاسم ڪان خلجي تائين
هر دور ۾ان آدرش پنيان ،
ماءُ جي لالن،
حسينائن جي ڀاڪر ،
مان اٿيل گهوٽن
آدرش ڪي زنده ،
رکڻ لاءِ
ڌرتي ڪي رت جو
ريج ڏنو آهي .
اهو آدرش آهي
آزادي......!!!
جيڪو اسان ڪي ،
تر جو پيارو ماڻهو

**جلاوطن لُڙڪ : سردار ٻرڙو**

عبدالواحد آريسر،
ٻڌائي ويو ،
تہ ڏرتي لال لهو تي،
تڏهن سرگم ڪندي آهي ،
جڏهن ڪيس لال لهو
ساڻ ريج ڏنو وڃي.

## تنهنجون يادون ڏمر

مون کان پاروٺي ماني،
اجان ناهي وسري ،
جيئن ملان کان جنتي حورون،
نٿيون وسرن،
هن جي آخري چمي،
اجان بہ منهنجي چپن ،
جي سرحد تي ٽنگيل آهي ،
جيئن يسوع مسيح ،
اجان بہ صليب تي چڙهيل آهي ،
ڪافي عرصي کان ،
هن کي وسارڻ جي ڪوشش پيو ڪيان،
پر هوءَ ائين ياد آهي ،
جيئن ماڻهن کي خدا..!!
هن جي بي وفائي،
ائين ياد تي اچي،
جيئن ماڻهن کي خدا جو ڏمر..

## خواب پورا پورا

هن جي گهاٽي سرنهن ،
مون کي ته ڏنل هئي،
اربع خطا تہ نہ ڪندي هئي
پر عين موقعي تي....
هوءَ نہ پهچندي هئي ،
آء هن لاء لائبريري ويندو هيس ته؛
هوءَ اتي ويندي هئي،
ڪيمپس جي ڪينٽين تي،
ڪٽ چانهہ جي تي:
هن جي تعريف ڪندي ،
منهنجي واچن مان مٺي گگ ،
پيپريسر جي واترقال جيان،
سنڌوءَ جي بچاء بندن جهڙن ٿُلهن ،
ڇَپن جي ڪنڊن مان ڳڙي پوندي هئي،
هوءَ سانوري ڇوڪري ،
ڪيمپس جي سونهن،
ڊپارٽمينٽ جو نڪ هوندي هئي.
ورهيہ ٿي ويا آهن ،
هن جي رسڻ ڪانپوءِ..
يادن جو سافٽويئر،
انسٽال نہ ڪيو هيم ،
اڄ پاڻ ڪال ڪري چيائين ؛
ايندڙ چنڊ جي ٽئين تاريخ ,
چانڊوڪي رات،
بن عشق شادي حال ۾ ،
دعوت اٿئي ،
ٺهڪ ڏئي چيومانس؛
خير !
اهو حق ته مون کي هو ,
پر جلدي ٻڌاءِ ڇوڪرو ڪير آهي ,
هلڪڙي خار منهجان چيائين؛
ڪنوار مان آهيان ,
۽ گهوٽ...
ڪاڇي واري چاچي؛
يارو جو پٽ.....

## ڪانجي سانوريا رام جي نانءَ

هو چريو ڇوڪرو،
جنهن جون لکڻيون،
ڏکڻ واءُ ۾ لهرائيندیون،
سڄي سنڌ ۾ پهچن ٿيون ،
جنهن جا اڏول لفظ،
محبوب جي لبن تان،
گگ چوسڻ کان وڌيڪ لذيذ آهن،
هن جا خيال ايڏا ڇيڳرا آهن،
جيترو ٽر جو ٻار،
هو جو مذهبن کان اُتم آهي،
انسان ،حق، حسن ،پيار ،پاٻوهه
جنهن جي لکڻين جو محور آهي،
خليل جبران شايد هن لاء چيو :
"حساس دل
رکڻ وارن لاء پيار
قدرت طرفان
عطا ڪيل اڻ ملهه
تحفو آهي،،
هو حساس آهي،
هن جي لفظن جي گهرائي ۾
سنڌ جو درد ڇوليون ڏئي ٿو،
المنظر جي مٿان لامارا ڏيندڙ،
سفيد ڪانگ جهڙا،
اُجرا پرين،
تون نثر جو بادشاه آهين،
تون اياز جي ان وجايل لکڻين جو روپ آهين،
جيڪي هن جيل مان لکڻ ٿي چاهيون،
تون حسن درس جو اهو خيال آهين،
جيڪو سگريٽ جي دونهين سان اڏامي ويو هو،
تون هر ان ڇيڳري ڇوري جو نمائندو آهين،
جا محبوب جي ڇاتي ۾،
خدا ڳولڻ چاهي ٿي،
ان سياڳي تاريخ ،
جنهن تي تون هن نظام مٿان ،
سعادت حُسين منٽو جو ٻيون جنم ٿي،

ڪڙڪيو آهين ،
تنهن ڏينهن کي جس هجي؛
دل چوي ٿي؛
وڏن ياڪرن ،
۽ بد نصيب چپن ،
جنهن کي ڪڏهن ،
محبوب جي چپن مان ،
آب ڪوثر نصيب نہ ٿيو ،
سگريٽي ڪاراٽيل چپن سان ،
اڻ ڳڻين چمين جي برسات ،
لاڙ اچي توسان ملي وجان.

## سماج خراب آهي

پهرين سِٽَ ۾ ؛
لکيل هو ؛
هوءِ به
وکوڙجي وئي !
سماج جي رسمن ۾ ؛
اُهي مدي خارج رسمون....
جيڪي هُن کي؛
ڪاليج جي گيٽ؛
طرف حسرت ڀريون؛
نظرون کڻي ڏسڻ؛
کان به روڪين ٿيون.
هُن جو خط مليو؛
شايد لڙڪن سان لکيل هو ؛
ڳالهه ڳالهه پنيان !
هُن دهرايو آهي ؛
جانان !
"فيمينِزم خراب ناهي هي سماج خراب آهي"
خَط جي پوئين پاسي؛
ڏکندڙ هٿن سان،
روئيندي لکي موڪليومانس؛
جانم !
ڪميونزم خراب ناهي، هي سماج خراب آهه
چنڊ منهنجومحبوب
جتي هر رات چنڊ ئي درشن ڪرائيندو آهي؛
جتي هزارين آدرش بي معني هوندا آهن؛
جتي اڪيلائي ۾ ئي اڪيون پٽي؛
ڪنهن صورت جو تصور ڪيو ويندو آهي؛
جتي غلامي جي علامت؛
سونيون زنجيرون تحفي طور ڏنيون وينديون آهن.
جتي پريم جو سوچڻ به ڏوهه هوندو آهي؛
جتي نَر جانور ناهي پالبو؛
شهر جي اترئين پاسي......
شهر جي معزز ماڻهو؛
جي نالي سان_
آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ؛

## جلاوطن لُڙڪ : سردار ٻرڙو

وڏن ڪوٺن واري؛
سفيد حويلي ۾؛
ڪاري سوچ رکندڙ؛
ماڻهن وچ ۾ رهان ٿي..
جتي محبوب جيان هر رات؛
چنڊ منهنجو محبوب بنجي؛
حويلي مٿان بيهندو آهي.

## روپلي جي روح کي اجاگر

جو ڏينهن اسانجو هوندو،
تنهنجا بوٽ تنهنجي ڳچي ۾ ٻڌندس،
تنهنجي وردي آء ڪارونجهر جي چوٽين تي ساڙي،
دونهين جي واس سان؛
روپلي جي روح کي اجاگر ڪندس.
تنهنجا جديد هٿيار بم، گولا؛
ڏاٿن، ڪهاڙين ۽ ٻڙچين اڳيان؛
بانء ڪري ويهندا.
ها ان ڏينهن منهنجي ڌرتي جون ناريون؛
پنهنجي ورن، پيئرن ۽ پائرن سان؛
تون ميدان ۾ وڙهندي ڏسندين.
اڄ جيڪي حقوق جا علمبردار سڏائيندڙ؛
ادارا بہ چپ آهن،
انهن جو حشر بہ ڏسڻ وٽان هوندو .
۽ تنهنجو پڇڻ قنڌار رستي سان؛
هن پر ڏسڻ وٽان هوندو.
ان ڏينهن کان پوء؛
هولي ۽ عيد؛
اسان سڀ گڏجي ملهائينداسين.
جو ڏينهن اسانجو هوندو؛
ها اسان توکي ڪونہ بخشينداسين.

## آخري آدرش

ائين ٿو لڳي زندگي رُڪجي وئي آهي،
ڪنهن جسم جيان مسلسل ٿياس تي ٽنگيل آهي.
چارو طرف رڙين رنين جيئڻ جو احساس گسي ورتو آهي
ڪوهين ڏور وڃڻ ٿو چاهيان ،
جتي ڪو پنهنجو نہ هجي .
نڪرڻ جي ارادي سان اٿيس بہ تہ ,
پيرن ۾ نظرن جون وِڪون ڪتابن واري ڪٻٽ تي رُڪجي ويون.
آهستي آهستي حالتن کي پرکي بہ ورتان ٿو،
پر...... !
وڇوڙي جي صدمن سبب،
اندرون زارو قطار رنيون نڪريو وڃن.
پري وڃڻ گهران ٿو.
ساڻ،
ڊائري،
سگريٽ،
مان ۽،
گفتگو هجي .
اهِو ئي منهنجو
آخري آدرش آهي.

## غلامن جو چي

جيتوڙيڪ! مون توکي روبرو تہ نہ ڏٺو هو
ها پر تنهنجون تصويرون آء ٻاروتڻ کان چگن مڙسن جي گاڏين،
تي سينگار ۾ شامل ٿيل ڏسندو هيس،
پر جڏهن کان حق جي رستي جو راهي ٿيس.
جنهن رستي تي تو ڪيترين ئي تڪليفون ڏٺيون ،
ان رستي تي هلندي؛
سياسي رومانس ۾ مون ڪُجھ ڀيرا خوابن ۾ توکي پسيو هو.
تنهنجي ڊائري پڙهي اسان اتساهہ وٺندا آهيون
جيتوڙيڪ تو ڪيوبا جي آزادي کان پوء،
مستقل انقلاب لاء نڪتين ،
تون دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ !!
سوويت سگهاري خلاف؛
تقريرون ڪندو رهين،
چاڪاڻ هنن توکي اڳتي وڌڻ جي اجازت نٿي ڏني
توکي رستي تان هٽائڻ لاء تنهنجي ڪميونسٽن ,
نہ ڄاڻ ڪيترين ڪڏون ڪوٺيون،
پر پوءِ بہ تُنهنجا حوصلا بلند رهيا،
ڪنهن سوچيو بہ نہ هو !
تون عالمگير انسانيت جو علمبردار ٿيندين،
اهو ڏينهن سياڳو چئجي،
جنهن ڏينهن تنهنجو جنم ٿيو.
تنهنجا لفظ اڄ بہ منهنجي دماغ ۾ گونجن ٿا,
"بزدلو گولي هلايو!
توهان مون کي ماري ٿا سگهو
پر منهنجي نظريي کي ڪڏهن بہ
ماري نٿا سگهو"
ڌرتي هر خطي ۾...
تو جهڙا جوڌا پٽ پنهنجي خمير مان پيدا ڪري
پنهنجا محافظ پاڻ چونڊيا.
هزارين دلين تي راڄ ڪندڙ,
او چي گويرا !!!
جيڪي نعرا تو ڪيوبا جي ٻيلن ۾ هنيا !
اهي نعرا اڄ بہ اسانجي روح کي،
اتساهہ بخشين ٿا .

## مالڪياڻيءَ ڏانهن نياپو

او چنڊ !
تون هاڻ اها قاصدي
هئ چوڪيداري
ڇڏي ڏي.
منهنجي سوچن جي ٻيڙن
جا سِڙهه سُرخ ٿي ويا آهن
اسانجو سفر !!
آزادي ڏانهن آهي.
او چنڊ !
مالڪياڻي کي چئجان !
مهاڻو قوم جو آجپو حاصل ڪري؛
پوءِ پتَڻ تي واپس ورندو

## اونداهي کان اڳتي

چيلهه سان غربت جي پري ٻڌي،
ڪلهي ۾ يادن جي؛
پريل ڳوٿري لڙڪائي،
ڪاراٺيل چپن تي بانسري سان محبت جو پيغام ڏيندي،
اکين ۾ پنڌ جي منزل،
جوڳي جي درشن
جو اوسيئڙو سهيڙي،
هوءَ رات
گرجا گهر ۾ پهتي،
صديون پراڻي محبت جي
تياس تي ٽنگيل
امن ۽ اهنسا واري مورتي
کي التجا ڪري رهي هئي
هن جا گرمايل ڳل
لڙڪن کي پي تي ويا،
سڏڪن جو سمنڊ
برپا ٿي ته ويو،
سنياسڻ جا ڳنڍيدار وار
هن جي منهن تي لهي تي آيا،
هوءَ بار بار
پيس گاڊ کي
پڪاري رهي هئي،
مان امن ۽ اهنسا جي پوڄارڻ آهيان
مون تي ٻاجهه ٻيلاڻي ڪر
شال تنهنجي گرجا گهر
من مورتين اڳيان
مٿي جا ماٿهو ٻاڏائيندا رهن،
هي پکيئڙا شال محبت جو پيغام ڏيندا رهن ,
شال تنهنجي باغيچن ۾
سرخ گلاب جهڙا
پادري طالب ڪڏندا رهن،
شال تنهنجا کيت سدا ساوا رهن،
ايتري ۾ مذهب جو پيشوا
فادر اچي ٿو ,
هِن ڏانهن ڏسي مسڪرائي ٿو،

هوءَ پيس گاڏ کي پڪاريندي
ڊوڙ پائي گرجا گهر مان
ٻاهر نڪري وڃي ٿي ,
هُن جي پيرن جو آواز اونداهي ۾
گم ٿي وڃي ٿو.

## جڏهن رقص ڪندي آهين

جي سچ پڇين ته؛
جڏهن رقص ڪندي آهين ....
موهن جي ڏڙي واري سمبارا لڳندي آهين,
اونداهي رات ۾ جي منهن ڏسيندي آهين....
آسمان جو مکڙو چنڊ لڳندي آهين,
چپڙن ۾ جي ڳائيندي آهين....
مائي ڀاڳي لڳنـدي آهين,
نِوڙت سان جڏهن خط ڪٽندي آهين....
دريـاء تـي گهاگهر پريندڙ ملاحڻ لڳندي آهين,
داستان ڏکن جا جڏهن ٻڌائيندي آهين....
جمال ابڙي جي ڪهاڻي واري پيراڻي لڳندي آهين,
گهر اندر جي بغاوت ڪندي آهين ....
واقعي مون کي هارياڻي لڳندي آهين,
رستي تان جي ڪڏ ڏئي هلندي آهين ...
نو ٽينشن ٻار لڳندي آهين,
بندوق کڻي جڏهن فوٽو ڪيرائيندي آهين..
چي جي ڀيڻ سانتا لڳندي آهين,
حجاب ويڙهي جي نکرندي آهين.....
پاڪ دامن يار لڳندي آهين,
اونداهين ۾ جڏهن سس پس ڪندي آهين...
هڪ پڙاڏو آواز لڳندي آهين,
ٻيڙو اجرڪ جي اوڍيندي آهين....
سنڌ سموري جي سونهن لڳنـدي آهين,
ٻار پڙهائيندي توکي ڏسـندو آهيان...
تاريخ جي حقدار لڳندي آهين
ويجهو جڏهن ايندي آهين...
ساهه ساهه سان جڏهن ملائيندي آهين ...
گوڊليف جي ڪش لڳندي آهين,
چپ چپن سان جڏهن ڳنڍيندي آهين...
ٿر جو اجايل ٻار لڳندين آهين,
جي سچ پڇين تہ....
منهنجا نڳي جا ناهه بہ سهندي آهين
ڊاڙ هٽندي جي پڪڙيو ويندو آهيان...
پاڪرن ۾ پوءِ بہ پريندي آهين,
ڳوٺ منهنجي جڏهن بہ ايندي آهين...

پوءِ ٻہ مون کي ڄاڻ نہ ڪندي آهين.
امان, بابا ڪان حال پڇندي آهين...
پوءِ الائي تہ ڇا سوچيندي آهين.
جي سچ پڇين تہ.........
توهر پاڻ ڳوليندو آهيان,
حال سمورو روليندو آهيان.
پوئتي پئجي ويندو آهيان.
سوچن جا گهوڙا ڊوڙائيندو آهيان..
وري آخر موٽندو آهيان
آخر ڇا سوچيندي آهين؟
اهو ويچار ڪندو آهيان..
جي سچ پڇين تہ...
وڏو اياڻو مان آهيان..
جو پنهنجو مستقبل ٺٽو ٺاهيان,
ماڻهن ۾ مجوتي ناهي جڏهن اهو چوندي آهين....
پوءِ توتي سوال اٿاريندو آهيان ,
ماٺ ٿي ويندي آهين..

## جلاوطني

هن بهار جي رت ۾،
منهنجي ذهن منجهه،
وطن جا نظارا لهي ٿا اچن،
منهنجي ذهن ۾ زرخيز ٻنيون،
لهي ٿيون اچن
منهنجي ڪنن ۾ پيپل جي پنن مان،
آزادي جو ورد ورجائيندي،
آواز ٻڌجي ٿو...
مون کي ياد ٿيون اچن ؛
وطن جون ڪنواريون سانوريون،
جن جا مڱيتر لاپتا آهن!
منهنجي خوابن ۾،
بانسري وارو خيالي آواز،
لهي ٿو اچي.
مون کي ڏاندن جي ڳچي ۾،
وڄندڙ گهنڊ ياد ٿا اچن.
مان دڳن جي ڌوڙ،
جي سڳند شرير ۾ لهندي!
محسوس ڪريان ٿو،
مون کي ڳوٺن جي مٿان،
اڏرندڙ لغڙ ۽ ڪبوتر ياد ٿا اچن
مون کي ڪارونجهر جي مورن جا رقص،
ڏاڍو ياد ايندا آهن،
منهنجي بند اکين جي پوپان،
سج ڪني ڪيندي نظر اچي ٿو،
جو نظارو ڏسڻ لاءِ،
آءِ روز سنڌو ڪناري ويندو هيس،
مون کي خانه بدوش زندگي،
ياد ٿي اچي.
مون کي وطن جون دلڪش
۽ ڳاڙهسريون شامون،
ياد ٿيون اچن،
روپوشي وارا پنڌ ياد ٿا اچن
چرڪ ڀري اٿان ٿو...
مون کي جلا وطن ڪرڻ وارا ڏينهن،

ياد ٿا پون..
پوءِ ٻہ سڏڪا پري چوان ٿو؛
منهنجي وطن جا جوانو!
شال توهان جي اکين ۾؛
آزادي جو خواب جاڳندو رهي،
سوچن سوچن ۾ ڏسان ٿو؛
امان منهنجي اڄڻ جو؛
انتظار ڪري رهي آهي.

**محبت ۽ محنت**

هوء چوندي آهي.
هي وقت گذرڻو آهي،
هڪ ڏينهن توکي.
ڪاميابي ضرور ملندي؛
مون کي اتساهه ڏيندي آهي،
۽ جڏهن محبت ۾ ناڪامي؛
رسوائي، ذلت، بي رخي،
جي ڳالهه ڪلندي آهي ته:
آءُ سوچيندو آهيان....!!!
محبت ۾ ڪاميابي ڇو نٿي ملي؛
هوءَ چوندي آهي...!
تنهنجو ڪم محبت ونڊڻ آهي،
ته ماڻهن مان اميدون نه رک؛
سچ ته ڪيل هر محنت؛
تي مون کي خار ايندي آهي.
منهنجو پرم ذرا ذرا ٿي ويندو آهي،
ڇا! محبت ۾ سچائي محنت ناهي؟
پوءِ ان محنت جو ڦل ڇو ڏاڍو پيانڪ هوندو آهي؟

## وفا جو ليبل

اها الڳ ڳالھ آهي ته؛
تون وفا نٿي ڪرين،
تنهنجون بي رخيون،
منهنجي من جي مندر؛
ڪي جهوري ڇڏين ٿيون،
پر! اها حقيقت آهي ته.
تنهنجون ڳالهيون،
تنهنجا وشال ٺهڪ،
تنهنجي ڳل تي ڏمپل؛
غضب جا آهن.
آء چاهيندي به؛
تنهنجي ڪردار تي؛
بيوفا جو ليبل ناهيان لڳائي سگهيو،
ڇو ته: تنهنجون ڳالهيون؛
بي وفا نه ٿيون ٿي سگهن..

## سانوري ۽ ڪاغذ

سوچان ٿو ڇا لکان؟
لکڻ لاءِ ڪجھ بچيو ئي ناهي؟
لکيون تہ روح جون ڳالهيون آهن،
جيڪي هن سان نه اوري سگهيو آهيان!
منهنجي لاءِ ڪورو ڪاغذ
سانوري مثل آهي!
خبر اٿوو! ڇو؟
ڇوتہ! جيڪي ڳالهيون سانوري سان نہ سلي سگهيس،
اهي ڳالهيون آءِ ڪاغذ تہ اتاري ڇڏيندو آهيان!
منهنجا سڀ عيب سانوري ۽ ڪاغذ ڇاڻين ٿا.
فرق اهو آهي...
سانوري مون کي سمجهائيندي آهي،
جيئڻ جا نوان گس ڏسيندي آهي،
ڪاغذ خاموشي سان منهنجا تلخ لفظ برداشت ڪندو آهي،

## صدين جي وڇوڙي کان پوءِ

منهنجي لکڻين جي محور؛
جنهن جي ٻي رخين مون کي؛
دائري طرف وني آئي،
ائين لکندي لکندي مان اڄ اديب ٿي ويو آهيان،
منهنجي هر تخليق ۾ هڪ لڪيل عڪس،
منهنجو ۽ هن جو آهي.
اسين ٻہ الڳ سوچون آهيون،
پوءِ بہ وڇڙڻ کانپوءِ مليا آهيون،
جنهن جي رقص ۾ مون کي؛
موئن جي دڙي واري ڊانسگ گرل؛
جو عڪس پسڻ لاءِ ملندو آهي،
جنهن چار چمار جا وڇوڙا ڏئي؛
مون کي صديون پوئتي ڌڪي ڇڏيو هو،
هوءِ مَذهبي ڇوڪري،
جا پنهنجو پاڻ ۾؛
سيڪيولر ۽ روايتن سان بغاوت ڪندڙ آهي.
صدين جو وڇوڙو ڏيڻ کان پوءِ،
اڄ وري موٽي آئي آهي،

## اندر جو ڏک

ڪالهہ ڪان سوچان پيو؛
هوءَ وائس ميسيج ڇو نٿي ڪري؟
شايد مصروف هوندي!
نہ نہ خوف اٿس!
ڪنهن وقت مون ڪان تہ؛
ڪنهن وقت سماج ڪان؛
هن جي آواز ۾....
ڪاڇي جي ڪوئل ڪان وڌ
سرور آهي،
جا ڪوئل صدين ڪان برسات لاءِ؛
پڪاري رهي آهي...
هن جو آواز....
منهنجي من جي مندر ۾...
ڪنهن پاڪيزه پوڄارڻين جيان!
ڀڳت جيان لڳندو آهي,
جنهن آواز تي...
مندر جا سڀ ڪبوتر رقص ڪندا آهن،
شايد ماتا کي بہ پاڻ تي رَشڪ ايندو هوندو،
جيئن مون کي...
آءَ چاهيندي بہ هن کي؛
وائيس ميسيج جو؛
چئي نٿو سگهان:
ڇو تہ؛
مون هن کي گذارش ڪرڻ؛
هن جي چوڻ تي ڇڏي ڏني آهي،
هن جي نيچر واري ڳڄ کي ائين پروڙي رهيو آهيان!
جيئن ڊارون اسپيشيز جي ڳجهہ کي پروڙيو هيو،
پر ڇا آءُ هن کي وائس ميسيج جو چئي سگهان ٿو؟
نہ نہ هوءَ ڏک ڪندي...
ڏک نہ ڪندي تہ چئي ڏيندي..
جيڪو چوڻو هوندس...

## روشن سماج جو خيال

سماج! جيڪو هڪ جهنگ مثل آهي،
جنهن ۾ ڪيترائي ساهه دار جسم رهن ٿا،
سماج ڏسڻ ۾ تہ:
نهايت حسين آهي،
جسم ڪان ويندي؛
فطري حسن تائين،
هوا ڪان ويندي،
ٻولين تائين،
هر شي مان سڳند ٿي اچي،
هاڻ تہ سماج کي چؤڦير:
وحشت جي باهه وڪوڙي وئي آهي،
ان باهه منجهہ:
سُڪن سان گڏ ساوا بہ سڙي ويندا.
هن سماج جي؛
خوبصورتي ائين آهي،
جيئن کنڊر بڻيل آثار قديمه:
جيڪو هاڻ زوال جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي،
سماج جو روشن خيالن وارو عروج:
پري پري تائين ڏسڻ ۾ نٿو اچي..

## صحتمند سماج جي ڳولا

ڏاهي جي صلاح؛
سماج کي تبديل ڪرڻ؛
ائين سمجهي وجي ٿي،
جيئن! مذهب ۾ ترميم ڪرڻ،
سماجي ترقي ڳولڻ؛
ائين سمجهي وجي ٿي؛
جيئن! اميزون جي جهنگ منجهہ؛
ڪنهن اپسراء جي تلاش ڪرڻ.
دراصل! ڏاهو سماج کي؛
سمجهڻ ڪان ايترو قاصر آهي،
جيترو مڌ جي نشي ۾ ڌت؛
مئڪش ميخاني ۾؛
دنيا جون ڳالهيون تہ ڪندو هجي؛
پر دنيا کي ڏسي نہ سگهندو هجي،

## سماج جو ڪيس

سماج مان ٻڌڻ جي سگهہ؛
ختم ٿي وئي آهي،
جيئن؛
ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻين مان؛
خارجي ڪردار اڏامي ويندو آهي،
۽ هو..
هر ڪهاڻي جو داخلي ڪردار؛
پاڻ کي ارپي؛
سماج ۾ پنهنجو ڪيس وڙهڻ چاهيندو آهي،

## وحشت پٽيءَ ڪان خوف

هو سماج کان خوف کائيندو،
ڊوڙندو گهر پهچي ٿو،
بلب جي شعاع تي،
مڇر جهٽيندڙ ڪرڙي،
هن کي ڏسي،
خوف مان،
زمين تہ ڦهڪو ڪري ٿي،
هن کي به سماج مان ايترو خوف ٿيو،
جيترو! مڇرن کي ڪرڙي کان،
سرمائيدار جي ڪارخاني ۾،
مزدور پيٽ گذر لاءِ،
نار ۾ وهندڙ،
اڪيون ٻڌل ڏاند،
جيان ڊوڙي رهيو آهي،
۽ سرمائي جي ترقي،
ان ڏاند جيان ڊوڙي رهي آهي،
جنهن کي آخري،
منزل جو پتو ڪونهي!

## گلن جي عيد

توکي خبر آهي؟
گل ڪڏهن خوش ٿيندا آهن؟
جڏهن "ڌرتي جي شهيد" جي قبر تي؛
انهن کي نڇاور ڪيو ويندو آهي؛
انهن کي فخر ٿيندو آهي،
هوا ۾ جهومريون پائيندي؛
سڳند جو گيت ڳائيندا آهن..
اسان جي وڏيل سِرن مان نهيل مالها؛
ڌرتي جي عشق ۾؛
سِر جي قرباني ڏيندڙ گهوٽ؛
تي نڇاور ٿيا آهيون،
توکي خبر آهي؟
گلن لاء ڪارو ڏينهن ڪڏهن هوندو آهي؟
ٻڌ..!!!
جڏهن ڪنهن مالدار، پير مير،
جڏهن ڪنهن ظالم تي گل نڇاور ڪيا ويندا آهن،
جڏهن گل لانگ بوٽن جي هيٺان؛
چيپاڙجندا آهن،
ته باغيچا به روئي پوندا آهن،
جڏهن ڌرتي جو غدار ماڻهو؛
ڪنهن باغيچي مان گذر ڪندو آهي ته؛
باغيچو ڪاوڙ ۾ تپي باھ ٿي ويندو آهي؛
هو پنهنجي سڳند پکين جي پرن ۾ ٻڌي؛
اڏرائي ڇڏيندو آهي،
توکي خبر آهي؟
گلن جي عيد ڪڏهن هوندي آهي؟
محبتن جي عالمي ڏينهن تي؛
جڏهن گل محبوبائن؛
جي نازڪ هٿڙن جو ڇهاء محسوس ڪندا آهن؛
تڏهن غلام قومن جا فردن؛
هڙئي محبتون، ڌرتي جي شهيدن؛
کي گلن جي مالها سان ارپيندا آهن.
گلن جي حقيقي عيد اها هوندي آهي،

## مُختصر مدو

چاڻان تو تہ؛
ايندڙ وقت ۾؛
ڪي خوشيون ملنديون.
پر! پوءِ بہ؛
دل جهڙو خوفزده آهي.
عجيب ميخانو آهي دل بہ؛
ڏک هوندو تہ لڳندو؛
بس دل جي ڌڙڪن؛
بيهڻ واري آهي،
ساهه بند ٿيڻ لڳندو،
۽ خوشي هجي تہ لڳندو پيو؛
دل زور زور سان ڌڙڪي رهي آهي
۽ پوءِ ڌڙڪن بہ بيهي ويندي،
پر اهو نٿو چاڻان تہ؛
خوشين جو مدو؛
ايترو مختصر ڇو هوندو آهي؟

## جلاوطن لڙڪ

ديس اسان جو آ،
ڏکايل اک جيان؛
جنهن منجهان هرروز؛
ڪيترا لڙڪ،
ڌرتي جي جوڌن جيان،
جلاوطن ٿين ٿا،
هو ڏس ڌرتي جو سپاهي؛
ڳل جهڙي رڻ پٽ تي،
جلاوطن ڪيل لڙڪَ ؛
جيان پٽڪي رهيو آهي.

## توکي ضرور ياد ايندس

جڏهن ڳاج جون ڇوليون،
منڇر ۾ ڇوڙ ڪنديون،
۽..
ٿوٻا ڍنڍ ۾ رقص ڪندا،
تڏهن آءِ توکي، ضرور ياد ايندس،
جڏهن ڪيهر جي ڪندي،
ڦڪي ٻور تي ورندي،،
۽...
ڪو مجاور وائي چوندو،
تڏهن آءِ توکي، ضرور ياد ايندس،
جڏهن هولي جي رنگن ۾،
جوهي رڱجندو،
۽
جڏهن امن جا سنک،
مندر ۾ گونجندا،
تڏهن آءِ توکي، ضرور ياد ايندس،
جڏهن ڪو شاعر،
ڪير ٿر جي هنج ۾ ويهي،
پکين جا بيت ٻڌندو،
تڏهن آءِ توکي، ضرور ياد ايندس،
جڏهن ڪاڇي جو سانوريون،
وفادار وَر چونڊينديون،
۽...
تنهنجي جواني،موٽ ڪائيندي؛
جڏهن ڪاڇو برساتين ۾ پڳل هوندو،
پکي جي پرن ڇنڊڻ تي،
ٻهرن مان، پلر ڇٽندو،
۽ ڪي ٻار ڇاڙپن سان،
ٻير ستيندا،
تڏهن آءِ توکي، ضرور ياد ايندس،

## ڳوٺَ

مشينن جي شهر ڪان؛
ڪيڏيون پياريون آهن،
ڳوٺ جون لوليون ۽؛
ڳوٺ جون ٻوليون،
رهي پوان ڪي ڏينهن ڳوٺ ۾؛
ڏس! ڏاند ڊوڙن ٿا،
ڇم ڇم ڇير پائي،
هو ڏس..!
ناري پوک ميڙي ٿي،
ڪامڻي منجھ اميدون سهيڙي ٿي،
ڇا ته لڳندو هوندو،
برساتين ۾ ڳوٺڙو،
جڏهن ويڙهي سڄي مٿان،
ابابيل طواف ڪندا هوندا،
چانڊوڪين راتڙين ۾؛
جگنو پنيان ٻار ڊوڙندا هوندا،
هو ڏس..!
جوئر جي سنگ تي؛
بلبل رقص ڪري ٿو.
ڏس ميهار جون مينهون،
ڪيئن گور گهمن ٿيون،
پوري ڪنڍي ۽ پڇ ڪاري،
شهمور گهمن ٿيون،
هو ڏس..!
سرنهن جا ڦڪا گلڙا،
هئه ڪلياڻ ڪين ٿا،
"بيروت" سان ڳوٺن پنهنجن ڪي؛
ٻنهه ڪونه پيٽيندس،
اسان جا ڳوٺَ نرالا هن،
تِن جي سونهن پنهنجي آ.

## جواني جو ڏوھ

جڏھن ڪان تون جوان ٿي آھين
تو نڪرڻ ڇڏي ڏنو آھي،
جيڪڏھن ٻاھر توڪي
مرد ڪڙي ڪان چوٽي تائين
گھوري ڏسندا ته؛
گھر ۾ ٻه پوڙھيون
تنھنجي اپريل ڇاتي کي ڏسي
ڏيرو منھن ڪنديون ھونديون
جھڙو تنھنجو جوان ٿيڻ ڏوھ آھي

## ڏاھر جي تلوار علي بابا جي ھٿ ۾

اوڏاھر!
تنھنجي رَت سان رَڱيل تلوار
ڪڏھن مِيري ناھي ٿِيَٽي؛
۽
زَنگ نه چڙھندس!!...
ڇوته؛ ھن ويس بدلايو آھي
تنھنجي تلوار قلم جي صورت ۾
علي بابا نالي ھڪ ڪوي جي ٿِن آڱرين ۾ ھئي
ھُن جي اکين ۾ صدين جو ٿڪ ھو
ڇھري تي سنڌ جي آزادي جو سيھو
ڪنيو ٿئي گھميو، تنھنجي تلوار جو ڪنيل قسم
علي بابا جي لکڻين ۾ اظھاريل آھي
۽ سياٽي ڌرتي جا وارث ان کي عملي جامو پارائيندا.

## راجا ڏاهر کي پيتا

اوڏاهر
تنهنجي سنڌڙي
جا داسي،
مزاحمت پسند آهن،
هردور ۾ حملي جوجواب،
مزاحمت سان ڏنواٿن،
اوڏاهر!
اهواسانکي تو ہڌايوته:
ڌرتي جي آزادي خاطر سِر جو سانگهو لاهي
ويڙهه جي ميدان ۾ ملهائڻو پوندو آهي،

## وڻ کان وڇڙيل پن

مان وڻ جواهوپن آهيان:
جيڪوبهارجي مند ۾،
وڻ کان وڇڙي،
ماڻهن جي پيرن هيٺان،
لتاڙبورهي ٿو،

## سچو ملڪ بند پيو آ

ڪالهه مون ڏٺو:
روڊ تي دونهين جي دنيا
جي چوڌير
الله رسول جا نعرا
وڏين ڏاڙهين واتان گونجي رهيا هيا،
فٽپاٿ وٽي ويندڙ ٻڍڙي
چرڪ تي پريا،
ڪنهن باساخته چيو
الله پنهنجي پناهه ۾ رک
هوخدا کان ڇرڪيل هئا يا نعرن کان؟

## خدا جي خَلق

هڪ الله جا ٻانها
شهربند ڪرائي وينا هئا،
هڪ خداجي ٻانهي
دعا گهري رهي هئي
منهنجي ورڪي روزي ڏجان.

## دين خطري ۾ آ

ڪالهه هن ڪي ماء چولا ٺاهي ڏئي
وڪروڪرڻ لاء موڪليو
هوساروڏينهن ويران رستن تي:
سائل اڪين سان
اپ ڏانهن نهاريندو:
رات جوٿيڙڪائيندو،
گهرواپس وريو،
هن ماءڪي سڏڪي چيو:
دين خطري ۾ هو ملڪ بند پيو آ.....!!! ۾ هوملڪ سچوبند پيو آ

# حصو ٻيون

(نثري ٽڪرا)

جابر رياستون جڏهن بوکلاهٽ جو شڪار ٿينديون آهن
تڏهن هو عوام کي هاٿي جيان پيرن جيان لتاڙينديون
سوئر جيان ڪُک ۾ نيش ٿُنبينديون
مارخور جيان پويان وار ڪنديون آهن.
*******

وڇوڙن کان پوءِ ڪتابَ ان محبوبا مِثل آهن
جنهن جي گوڏي تي سمهي صدين جا ٿڪ لاهي سگهجن ٿا.
*******

او آزادي مون کي پَرَ نہ ڏيج
آءٌ قلندر ٿيڻ نٿو چاهيان ،
آءٌ تہ تنهنجي عشق ۾ساري جمار ،
چراغبندي ۾ رقص ڪرڻ ٿو چاهيان .
******

او مينترا
اڄ تہ ڪرڪنا هٽين
هن سماج کي،
اڄو اُجرو ڪيون ،
اهڙو اڄو اُجرو،
جهڙو پاڪ ٿڃ جو کير .
*******

تاريخ لکڻ لاءِ ورقن جو اڇو يا ڪارو هجڻ لازمي آهي ،
ائين ئي تاريخ ٿيڻ لاءِ ماڻهو ٿيڻ ۽ ماڻهن بابت سوچڻ لازمي آهي ،
*******

هن جي شهر کي ڇڏڻ پلصراط تان گذرڻ برابر آهي،
ڏس ڪيئن اُ، وڇڙڻ جو احساس: گهرو ٿيندو پيو وڃين:
يادون جهڙو آئي سي يو ۾ هجن.
*******

ننڊپڻ توسان گذريو،
جوڀن وڇوڙا ڏنا،
جهونائپ ۾ تنهنجو انتظار رهندو.

*******

هي امن جو ديس آ،
امن ۾ رهڻ ڏي.
نگر جي ڪارونجهر کي،
سلامت رهڻ ڏي..

*******

زندگي ٽڪل گهوڙي جي،
چرپر تي ڳچي ۾،
وڄندڙ گهنڊ جو ساز ٿي لڳي.

*******

آء نه مليس پرين سان،
تون نڪري ٿئين نروار
سچ توتي ميار،
رهندي ساري جمار

*******

محبت ۾ رومانس ائين آهي جيئن سگريٽ نوشي ۾ وڏو ڪَش جو سرُور

*******

اندازي موجب پاڪستان ۾،
پنج لک ماڻهو دم جي مرض ۾ مبتلا آهن
بس آءُ چڙو عشق ۾ مبتلا آهيان.

*******

ڳالهيون هلن پيون هوءِ ڳوٺ ڇڏي وئي آهي،
پر ڪالهہ مون هن کي نمر جي چانورن ۾ ڏٺو.....

*******

پوليو جا ڦڙا هٿيار جي زور تي پياري سگهجن ٿا،
پر منشيات ڪنٽرول نٿو ٿئي
*******

هو وڏو اديب آهي،
پر مهيني تي،
ٽي سو فيس گهري ٿو....
*******

پوري دنيا ۾ ڪا اهڙي،
قوم اجا پيدا ناهي ٿي،
جنهن کي مسلمان سڏجي.

*******

پڇڻو اهو هو پاڪستان اسٽڊي ۾
پي ايچ ڊي ڇو ناهي ٿيندي؟؟؟؟؟
*******

ٻڌ !ٿورو مسڪراءِ،
آءُ ! پٽائي کي وٺي اچان .
تنهنجي سوپ تي،
هڪ سُر لکي وٺي .
اهو روزو !
تيستائين نہ پڄجان
جيستائين !
بخاري پاڻ نہ اچي.

*******

:
ٿُون چَنڊ کي پيغام ڏئي اَچ
اَڄُ چَڪُور آسمان ڏانهن..!
ڄامشوري جي ڇَڙهَن ڇورن واريون..
اُلُرُوُن نہ ڏيندو ..

*******

ٿهندي آ هوء منهنجي خطن کان!
خبر اٿئي ڇو...؟
دراصل هوء آزاد ناهي.

*******

بيشڪ! توکي زيور سهڻا لڳندا آهن,
ان ۾ ڪو شڪ ناهي!
پر! مون کي غلامي جون زنجيرون ٿورڙيون آهن.

*******

تنهنجي ڊائري تي؛
هٿ اکري ۽ ڪنواري؛
ڇوڪري جي اُره تي؛
سجيل چولي جي؛
ڳچي تي سيڪڙات؛
ڪاريگر جو پوئيل؛
هُرمچو پرت ساڳي ڳالھ آهي .

*******

جذبن جو جبل
پيشاني منجهان پگهر ڦڙا،
چاندي داڻا ٿي پئي ڪِريا،
تنهنجي بي رُخُين ،
جذبن جا جبلَ ،
ڏاري وڌا .
******

زمين ماءِ آهي،
پاڻي تنهن آهي،
ماءِ جي تنهن سڪڻ ...
جو ڏک هڪ ڪير پياڪ ٻار،
سمجهي سگهي ٿو.

*******

هاري لوڙي ٿو،
شهري ڪائين ٿا ،
جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا؟
ڪاڇو خوشحال هجي ,
ته پوءِ !!
هنن هارين جو ساٿ ڏيو .

*******

دماغ جي تخليقي پيچ دڙاهه ۾ ,
بغاوت! شعوري فردن جو،
ڏاج آهي..

*******

ڦوهه جواني ۾ جڏهن،
ماس ڪلهن تي وري اچي،
ته اها جواني!
قوم جي آزادي ڪي اُرپڻ گهرجي،

*******

ترس! سنواري وڻان پاڻ ڪي،
پوءِ تنهنجي لاءِ،
ڪڙهه ڪليل هوندي،
حال پڇڻ ضرور اچجان،

*******

تنهنجي هڪ مسڪراهٽ؛
ميدان ۾ وڙهندڙ لشڪر کان؛
هٿيار ڦٽا ڪرائي سگهي ٿي

*******

صدين جا ٿڪ لاهي ڇڏيا ؛
تنهنجي شهر جي هوائن.
خوشبو آئي ٿي رابيل جهڙي ؛
پَڪ ڏني مون کي تنهنجي شهر جي هوائن.
سمنڊ ڪناري گهميا ٿي ڪي جوڙا؛
اڪيلائي جو ڏک ڏنو تنهنجي شهر جي هوائن

*******

.چيائين: ڪهڙا حال اٿئي؟
وراڻيم؛اجا جُتي ڪنهن سُٺي ۾ پير وڌو ناهي ،
اجا ڪرڪٽا ساڳا پاٽل آهن،

*******

اختلاف رکندڙن؛
کي پسند ڪندو آهيان.
هو منهنجي علم ۾،
اضافي جو سبب بڻبا آهن .

*******

سوچن جي ٿياس تي ٽنگيل؛ خواهشن کي مروڙي؛
مسلسل پاڻ کي اذيتون ڏيندو رهيس،
فقط!ان آس تي تہ؛
منهنجي لکڻين جا جوڳي؛
ڪنهن جا غلام نہ ٿين.

*******

جيڪڏهن توکي خبر پوي تہ
نصاب ۾ ڇا ٿو پڙهايو وڃي
تہ توکان ڇرڪ ويندو

*******

تون هڪ پيرو ڪنپيل جوانن جي
امڙين، پيئرن ۽ ننگن سان،
ڪچهري ڪري ڏس.....
تنهنجي اکين جي ڪينجهر جا بند ٽٽي پوندا،

*******

منهنجي ديس جون سانوريون
جيڪڏهن روپلي جي وني جي للڪار کان واقف ٿي پون،
تہ پوء هر گهر مان روپلو نڪرندو.

*******

توکي خبر آهي قومن جو زوال ڪيئن ايندو آهي؟
جيئن ورهاڱي جي وڍ سنڌ
جي رواداري جي سيندڙ ميري ڪري ڇڏي.

*******

دل چوي ٿي هڪ مدرسو کوليان
جنهن ۾ راجا ڏاهر، شاهہ عنايت ،لطيف ۽ دودي سومري جي قربانين جو،
خطابين کي حفظ ڪرايان،

*******

منهنجي ديس جي سانورين جا لڙڪ
سمونڊ ۾ وهي وڃن ٿا،
انهن ئي تہ سمونڊ کي نمڪين بڻايو آهي،

*******

توکي خبر آهي ماڻهو جلدي چو ٿا مرن؟
چوتہ هو پڙهن گهڻ ٿا...!!!

*******

اميدن جا بہ قبيلا ٿين ٿا
هنن خوابن جو سمورو
قبيلو ڪُنو

*******

هاڻ نيڻ ڪٽي
ڏِس هولي آئي هولي..

*******

سماج کي مان تو ڏوڻو ڏيان،
تون اڇين تہ؛
هولي جي رنگن ۾ رڱجي اڇجان،

*******

وجايل هيس دونهين ۾:*مان
هولي جي رنگن ڳولي لڌو.

*******

بس هڪ شام تي ڪپي نہ پڇجان چو؟
اسان جي هولي ڪيڏٽي آهي نه پچان چو،

*******

بهار جي رت ۾؛
اسين اجان اداس آهيون،

*******

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book